منسوب ڪن ٿا. مگر اِهان ۾ ارشاد نه ٿي فرمايائون -
تان جو هڪ رات يا ڏٺم ته رب تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان
قيوميت جو تاج منهنجي سر مبارڪ تي مڙهيل ٿيو - اُن تاج
۾ اهڙا ته هيرا جواهر ۽ ياقوت هوا جو جن جي ڪري هر هڪ
جواهر دنيا ۾ اچي ته ساري ڪائنات نهايت منور ٿي وڃي
۽ ڪين هڪ طوق به ڏٺائين لعل لولو جو جيڪو به فرد انهن جي
رتبه قيوميت کان انڪار ڪندو ته هي لعنت جو طوق
اُن جي گردن ۾ اچيو - ۽ ڪين بارگاهه حضرت رب العزت
جلشانه کان حڪم مليو ته ارشاد حقاني سان مخلوقات
کي سرافراز فرمايو - جڏهن اها بشارت ڪين عطا ٿي ته
اول اول بي بي صاحبه جيڪا منهنجي ناني ۽ والده صاحبه
حضرت شاهه فضل الله صاحب جن جي هئي - اُن کي
گهرائي توجه القائي خاصه سان نسبت نقشبنديه مجدديه رضوان
الله تعاليٰ عنهم فرمايائون ۽ پنهنجي ساري ماجرا اول کان آخر

تان پوءِ حضرت بي بي صاحبه موصوفه کي بيان فرمايائون - ان کان

پوءِ حرم سرائي کان نڪري خانقاه طرف فقراءِ ڏانهن

تشريف فرما ٿيا - خانقاه جي دروازه تي حضرت خواجه

حبيب الله صاحب جو منڍن والا حضرت محمد معصوم ثاني ؒ

جو خاص ۽ مڪمل خليفو هو. بيٺل ڏٺائون - خواجه

صاحب سلام بعد ڪين درجه قيوميت جي مبارڪبادي ڏني

ڪئي ۽ جيڪا ته مون کي بيان ڪرڻ جي طاقت نه آهي

مگر حڪم موجب مبارڪبادي عرض ڪيم - پوءِ حضرت

جن خانقاه ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ سڀ مريد جيڪي انتظار

۾ هوا تن کي گهرائي سارين حالات کان واقف فرمائي

سڀني لاءِ توجهات فرمايائون - سڀني مريدن رب تعالىٰ

جل شانه جا شڪرانا بجا آندا ۽ ذڪر ميلاد ۾ مشغول ٿيا. نظم

جمله عالم شد ازان مي در سرور
جز که خفاش عدوي ديده کور

سندن ارشاد مبارڪ ايتري قدر تہ تابناڪ ٿيو جو سارا ملڪ منوّر
ٿي ويا. ۽ مخلوق الله جوق در جوق هر طرف کان ايندا رهيا.
۽ هر ڪنهن پنهنجي استعداد ۽ قدر آهر فيض حقاني حاصل ٿي ڪيو
حضرت شاه فضل الله صاحب جن فرمائين ٿا تہ فقير هن وقت
امر ۽ قلبي يقين سان ظاهر ڪري ٿو تہ مثل هن مجمع
اهل الله ۽ صحبت الله جي ڪا حضرت صاحب جن جي مجلس ۾ آهي
جيڪڏهن سڄي جهان ۾ ڳولجي تہ اهڙو فيض ملڻ محال آهي
۽ ٻين جي مشيخت هڪ ٻارڻ جي ڄرانڊ آهي. مطلب تہ
حضرت جن جي فيض سان سارو جهان منوّر ٿي ويو. انجو
ڇا بيان لکي سگهجو ـ قلم قاصر آهي. بقول حافظ شيرازي

فرياد حافظ اين همه آخر بهرزه نيست
هم قصهٔ عجيب و حديث غريب هست

ڪين رب تعالیٰ جل شانهٗ جي درگاه عالي ۾ مان هي بشارت ملي
تہ سڀاڻي روز قيامت ۾ امت اهل عيال جي شفاعت ٿيندي حوالي

تيزي - ان ڏنيه ياڻ شڪرانه ۾ وڏي خيرات ڪيائون
۽ گهڻا نقد يا فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ايثار ڪيائون.
(وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ) ۽ بڻ ڪين سنهجن
احبادن وانگر بي بشارت هي به عطا ٿي ته -

غَفَرْتُ لَكَ وَلِمَنْ تَوَسَّلَ بِكَ اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَتِ ٥

انشاء الله تعالى رب تعالى جي فضل وڪرم سان مون جهڙو
عاصي گنهگار ۽ سمورا مخلص مريد بروز قيامت انهي
بشارت ۾ شامل هوندا سون - ۽ ڪين من بي بشارت ملي
ته حقيقي بيعت نه جنازي تي اوهان هياسو ميت غسل آهي.
ياڻ وڏو تماته آء خيران آهيان ته ڪي شيخ (يعني پير)
جيڪي ڪجهه ڪن ٿا سو ڪتاب ۽ سنت رسول الله صلى الله
تعالى عليه وآله واصحابه ڪان مخالف آهي - الحمد لله والمنة
جيڪو معارف مون کي رب تعالى جي فضل وڪرم سان عطا
ٿيو آهي سو مطابق ڪتاب الله تعالى ۽ مطابق سنت

حضور سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وآله وصحبه وسلم جي
مطابق عطا ٿيو. جا ابتدائي عمر ۾ جا وچ عمر ۾ جا انتها جي وقت
پاڻ حضرت قيوم جهان روحانيت منهنجي والد صاحب جي (اويسي)
آهن ۽ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جي روحانيت
کان پڻ (اويسي) آهن. ۽ جناب حضرت اقدس نبوي صلي الله
تعاليٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جن کان پڻ اويسي آهن.

۽ اخذ ڪمالات حضور سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وآله
وصحبه وبارڪ وسلم جن کان عطا ٿيل اٿن.

سندن تصنيفات جملي ٣ رسالا آهن.

پهريون رسالو آداب الاسرار سنه ١١٧٦ھ ۾ آغاز جوانيءَ ۾ تصنيف فرمايو اٿن

ٻيو رسالو مخزن الانوار صفي احمدي المسمىٰ به مخزن الانوار
احمدي في ڪشف الاسرار المحمدي آهي. هن ۾ بيان
سلوڪ جي هر چهار طريقي جا آهن. هي رسالو ڪامل ۾
تصنيف فرمايو اٿن. سنه ١١٩٨ هجري ۾.

۽ ٽيون رسالو منظوم المسمیٰ بنام "ڇهارچوٽي" جوڙيائون طريقه
لائق سندن نالو لکيو اٿن - طريقه نقشبنديه قدس الله تعالیٰ اسرارهم
کي مثال "ٿڌ کير" جو ڏنو اٿن ۽ طريقه اڪابر قادريه رضي الله
تعالیٰ سبحانه عنهم کي مثال "ٿڌ ماکي" سان ڏنو اٿن ۽
طريقه حضرات چشتيه کي قدس الله تعالیٰ اسرارهم کي "ٿڌ گيهه"
سان تشبيه ڏني اٿن ۽ طريقه حضرات سهرورديه کي
"ٿڌ کنڊ" سان تشبيه ڏني اٿن - رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين
لوليون رسالو حد اختتام تي نہ پهتو اگرچہ سندن عمر مبارڪ وڏي
مگر خلق الله سان گهڻي مصروفيت سبب رهجي ويو - ان جا
مجموعا ابيات اول وار اڪتاب بعمدة المقامات ۾ ذڪر ڪيل آهن
سندن عادات مبارڪ ۽ عبادات ، اڪل ، لبس حتی المقدور
سنت رسول الله صلى الله تعالیٰ عليه وآله واصحابه وسلم
جي مطابق هوندا هوا - ۽ وظائف رات خواه ڏينهن جا به
مطابق سنت جي هوا ، نفلي روزن لاءِ سندن ۾ عادت

مقرر هئي ته هر هفتي ۾ چار ڏينهن روزي ۾ گذاريندا هئا ۽
ٽي ڏينهن افطار ۾ - سومر، اڱارو، اربع، خميس،
روزي ۾ هوندا هئا ۽ جمعه - ڇنڇر - آچر افطار ۾
چوندا هوا ته جمعه جو ڏينهن عيد جو ڏينهن آهي - ۽ سندن
لباس به عين مطابق سنت جي هوندو هو. ۽ بدعت کان
متنفر هوندا هوا - ۽ صاحب بدعتي کي پنهنجي مجلس ۾ نه
ڇڏيندا هوا. اغنياء ۽ بادشاهن جي صحبت کان هميشه
پرهيز ڪندا هوا - افغانستان جي وقت جي بادشاه تيمور شاه
پنهنجي مرض الموت جي وقت استدعا ڪئي ته مون کي زيارت کان
مشرف فرمايو مگر پاڻ انڪار ڪيائون. پاڻ اذن رباني
جا مامور هوندا هوا. هر قسم جو ڪم بنا اذن الله تعالى
نه ڪندا هوا. ڪنهن ڪافر هندوءَ کي پنهنجي مجلس ۾ اچڻ
نه ڏيندا هوا. جڏهن ڪنهن ڪم لاءِ ٻاهر نڪرندا هئا ته پنهنجي
چهره مبارڪ تي چادر مبارڪ وجهندا هوا ته متان ڪنهن ڪافر

تي نظر نه پوي - اتفاقاً جيڪڏهن ڪنهن ڪافر تي سندن نظر مبارڪ پهچي ويندي هئي ته هو آخرڪار اسلام جي دائره ۾ ايندو هو. حضرت صاحبن جون ڪافي زياده ڪرامتون آهن. جنهنکي شوق هجي ته ڪي ڪرامتون ڪتاب عمدة المقامات ۾ ڏسي سگهي ٿو.

### ذڪر حضرت قيوم زمان جي مريدن خليفن جو

(رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين)

سندن مريدن جو ڪو ڳاڻيٽو نه هو. مگر سندن خليفا به گهڻا هوا هيٺ جن پنجن جو ذڪر ڪبو.

١. بي بي صاحبه جيڪا سندن پاڻيجي ۽ جناب حضرت فضل الله صاحب ۽ حضرت ضياء الحق صاحبن جي والده صاحبه آهي رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين - بي بي صاحبه جو رتبه اعليٰ آهي - جو خود حضرت قيوم زمان سن فرمائن ٿا ته اگرچه ظاهري صورت انسان جي جدا آهي مگر حقيقت انسان جي ڳنڍيل آهي. ان مان بي بي صاحبه جو رتبه ظاهر آهي

اميد تہ حضرت بي بي صاحبہ موصوف جن جو ڪجھ احوال هن رسالي

جي آخر ۾ لکندس. نمبر بيو- جناب حضرت فضل الله صاحب

نمبر ٽيون جناب حضرت ضياء الحق صاحب نمبر ٤ چوٿون

جناب حضرت مخدوم محمد ابراهيم صاحب ٺٽوي آهي-

رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين ٥

جناب حضرت شاهہ فضل الله جي جو مرتبو سندن ڪتاب

"عمدة المقامات" مان ظاهر آهي- جناب حضرت ضياء الحق

صاحب جو حضرت شهيد جي نالي سان مشهور آهي-

ان جو احوال ۽ ذڪر خير جناب حضرت آقا ميان غلام الرسول جان

صاحب مٽياري واري ٻنهي ڪتاب ۾ لکيو آهي، ۽ اهو ڪتاب

ڇپيل آهي. مخدوم صاحب حضرت محمد ابراهيم صاحب ٺٽوي

سندن وڏو ڪامل ۽ مڪمل خليفو هو. مخدوم صاحب جن کي

۾ مريدن وٽ ويل هوا اُتي سندن وفات ٿي-

سندن قبر مبارڪ شهر "ٺٽي" ضلع ٺٽي ۾ وڏي گنبذ ۾

احاطي سان آهي، حضرت قبله مرشدي صاحب رحمت الله تعالیٰ
عليه جن پنهنجي خوابن مان هڪ خواب مخدوم صاحب جو لکيو آهي
اهو خواب جناب حضرت سائين شاهه آغا صاحب رحمت الله عليه
جن حضرت مرشدي صاحب جن جي ذڪر احوال ۾ عتاب
مونس المخلصين ۾ لکيو آهي، مخدوم صاحب جي گنبد مبارڪ
جي نيل متان جيڪڏهن ڪو به پرندو آئو ته هڪدم نور تجلي
رباني ۾ ڪري مري ٿو وڃي - مخدوم صاحب جن جو رتبو
هن مان معلوم ٿجي ته جڏهن حضرت قيوم جهان جن حج
جي ارادي سان سفر دريائي ۾ روانا ٿيا ته مخدوم صاحب جن
به سائن همسفر هوا. ۽ حضرت جن جو انتقال ملڪ
يمن ۾ حدود عرب ۾ ٿيو ته حضرت جن وصيت فرمائي
ته منهنجو نماز جنازو مخدوم صاحب پڙهائي باوجود جو حضرت
شاهه فضل الله صاحب ۽ حضرت ضياء الحق صاحب جن
به سائن هم رڪاب هوا - انهي مان رتبي ۾ ڪماليت مخدوم صاحب

جو ظاهر آهي. حضرت حسن جا حجلا ڪامل مڪمل خليفا ۲۸ آهن

ذڪر حضرت حسن جي آخرين حج ۽ سندن رحلت جو

جڏهن سندن عمر مبارڪ وڏي ٿي ته ڪين شوق زيارت بيت الله
شريف زاد الله شرفا وتعظيما جو ۽ زيارت حضور پرنور
سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم
جو از حد زياده ٿيو. اگرچه پاڻ عمر جواني ۾ فرض حج
ادا ڪيو هوائون. انهيءَ آخرين شوق ۾ هي نذر ڪيائون
ته جيستائين سفر حجاز پاڪ جي نه ڪندس تيستائين گوشت
نه کائيندس. ڪاڏي ۾ گوشت سندن مرغوب خاطر کاڌو هو.
پورا سچا ٻارهن (١٢) سال سندن ان سفر جي نه ڪرڻ نه ٿيو
۽ پورا ٻارهن (١٢) سال گوشت نه کاڌائون. جڏهن انهيءَ
اراده سان ڪابل مان روانا ٿيا ته اول منزل ۾ بي بي
صاحبه جا ڀينجي ۽ زنون سميت سانئن همسفر ٿيا. بي بي
صاحبه سندن دعوت ڪئي ۽ گوشت گهڻن قسمن جو تيار

ڪري مٿن خدمت ۾ پيش ڪيائون. ۽ پاڻ حضرت جن
الهي شڪرانو بجا آڻي تناول فرمايو. جڏهن ڪابل کان
روانا ٿيا ته نزديڪي ڳوٺ ۾ رستو جيڪو غار ۾ مان هو غدرن
سو اختيار ڪيائون. ڏهن فرسنگن تي منزل انداز ٿيا
۽ ڏينهن متابعت هجرت سرور دوجهان صلي الله تعالیٰ
عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جي ڪئي هيائون. ۽ ڪابل مان
به به متابعت حضرت رسول الله صلي الله تعالیٰ عليه وبارڪ وسلم
جي رات جو سفر ۾ نڪتا. الهي سفر ۾ انهي منزل تي
الهڪي الهام رباني ٿيو ته اوهان جي ذڪر جا بعد آفات
سماويه ڪرهٔ ارض تي نازل آهي. پاڻ انهي سفر مبارڪ
۾ نوافل ۽ وظائف عادت مبارڪ کان وڌيڪ ٿي پڙهيائون
جناب حضرت شاه فضل الله صاحب جن فرمائي ٿا ته...
مون عرض ڪيو ته هي وڌيڪ نوافل ۽ وظائف سفر مبارڪ
جي شڪراني لاءِ آهن يا ڪو بيو سبب آهي. پاڻ فرمايائون

۽ بابا عمر آخري حد تي پهتل آهي. جيترو ٿي سگهي ته غنيمت آهي جو هي فرد پڙهيا ٿون.

در دو روزی زندگی جامی نه شد سیر از غمت
کاشکے در عشق عمر جاودان مے داشتی

جڏهن شهر احمد شاهي يعني قندهار ۾ پهتا ته اٺ ڏينهن اقامت فرمايا ٿون. جتي ڪيترا خلق الله داخل طريقت ٿيا. قندهار کان بلوچستان جي رستي جڏهن قلات جي شهر نصير خان ۾ پهتا ته اهل قلات سندن استقبال لاءِ ڪيترو منزل اڳي اچي سندن قدم بوس ٿيا ۽ وڏي تعداد ۾ خلق الله طريقه عاليه ۾ داخل ٿيا. ٻه چار ڏينهن اتي ترسيا. اهڙي طرح هر منزل ۾ ماڻهن جو هجوم هو. قلات کان ڪوهستان جي رستي سنڌ ڪراچي ڏانهن سفر جو آغاز ڪيائون. مولانا يعني حضرت شاهه فضل الله صاحب) عرض ڪيو ته حضرت صاحب ڪڏهن سنڌ جي رستي سان هلجي ته خلق الله اوهان جي ارشاد

جي نُور سان منوّر ٿيندا. پاڻ فرمايائون ته بابا عمر حيات بالڪل
گمٽ نظر ٿي اچي. جيڪڏهن سنڌ جي رستي سان حلب تي ڪافي
وقت لڳندو. جيترو جلد ٿي سگهي ته ملڪ عرب ۾ پهچي
جناب شاهه حضرت فضل الله صاحب فرمائين ٿا ته اهي سفر
۾ حضرت جن سان مان هڪ ڪجاوه ۾ ڪجاوه جي ٻئي
خاني ۾ هم سفر هوس. رات ٿي حضرت جن کي غنودگي آئي
جڏهن بيدار ٿيا ته فرمايائون ته عجيب اسرار ظاهر ٿيو جهڙوڪ
جماعت مماتي يعني اهل الله تعالى جي ڏسم جو اُها گهوڙن
تي سوار ٿيل ڏسڻ ۾ آئي. جيڪي ملڪ عرب ڏانهن راهي
آهن. سندن گهوڙن جا ڪنڌ دنيا جي گهوڙن کان وڏا آهن
۽ هيٺ پالڪي به اوهان جي پالڪي ڪان جدا ٿي انهن سان
وچ شامل ٿي. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته مون کي حياتي ۾ نه
پر مماتي ۾ زيارت نصيب ٿيندي. جڏهن ڪراچي پهتا
ته ڪعبا سون ته فرمايائون ته مون کي دربار رسالت واضح نظر آيو

جيئن معلوم آهي ته منهنجي وفاتي جيراءِ ۾ تنديب - ڪراچي
بندر کان درياءُ سفر ٻيڙيءَ رستي ٿيو - ڪشتيءَ ۾ سواريءَ
بعد بندر گوادر جي قريب سخت طوفان ۽ بارش نازل ٿي
حتيٰ ته ماڻهن کي غرق ٿيڻ جو خوف نظر آيو - حضرت جن
ڏانهن رجوع ٿي عرض ڪيائون ته دعا ڪريو ته طوفان کان
نجات ملي - حضرت جن فرمايو ته ڪهڙي آهي ته پاڻ کي رضائي
الاهيءَ جي سپرد ڪجي ۽ جيڪا به رضاءِ الاهي جي سا قبول ڪجي
جڏهن اهل سفينه وارن عرض ڪيو ته حضرت دعا ڪريو ته
طوفان جو دفع ٿئي - گهڻي التجا کان بعد نهايت مبارڪ
درگاهه الاهيءَ ۾ منٿ ڪيائون اجهان سندن هٿ مبارڪ
دعا ۾ هوا ته طوفان بلڪل سرد ٿي ويو ۽ برسات بند ٿي وئي
۽ سج ڪڪرن مان ظاهر ٿيو. ۽ جڏهن دعا کان فارغ
ٿيا ته بالڪل امن امان هو - برابر ٻي ڏينهن ڪشتي طوفان
۾ مبتلا هوئي - ليڪن رب تعاليٰ جي فضل سان موافق

سوار شروع ٿي ۽ ڪشتي سلامتيءَ سان مسقط بندر تي پهتي
مسقط ۾ "قريه" ارلق" ۾ منزل انداز ٿيا جت مخدوم
صاحب محمد ابراهيم آگي مقيم هو. جيترو وقت حضرت
جن اتي رهيا اوترو وقت ساري ڪافلي جي خدمت گاري
مخدوم صاحب جن ڪئي. اُتي مسقط ۾ حضرت صاحب جن
جي ڏندن مبارڪن ۾ سخت سور ۽ ايذاء سبب اتي مصلحت
ٿي ته اهي سور وارا ڏند ڪڍجن ان وقت ڏند ڪڍڻ لاءِ
جو ڪو به خاطر خواه اسباب ڪونه هو تنهنڪري ڏاڍي تڪليف
سان ڏند ڪڍيا ته هڪ ٻن ڏندن پاڙ رهجي ويئي جنهنڪري
حضرت جن کي سخت تڪليف درپيش آئي. الغرض ايذاء
۽ تڪليف ڪري ڪين ضعف غالب آيو ۽ ضعف ۾ ڪڏهن
غشي آئي جو ڪو وقت غش رهيا جڏهن بيدار ٿيا ته
فرمايائون ته عجيب معاملو نظر آيو - پاڻ کي حضور پرنور
صلي الله تعالیٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جي حضور ۾ ڏٺم

حضور جن ڪلڪان زياده عنايات الهي ٿيون ۽ نسبت
خاصه نبوي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم نصيب ٿي. (لَا عَيْنٌ
رَأَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ) مطلب ته جيڪا به تمنا هوئي
اها سموري پوري ٿي - انهيءَ مان معلوم ٿيو ته ڪجهه وقت
جيڪي روضه شريف تي نه ٿيندو بلڪ روحاني ٿيندو -
جڏهن مسقط بندر کان بذريعه بحر دريا (مني) بندر تي پهتا
ته اُتي دريائي سفر ترڪ ڪري ۽ خشڪي جي رستي سان
يمن کان حديده بندر ڏانهن روانا ٿيا - جڏهن ۽ شهر
زبيده ۾ پهتا ته خلق الله سندن فيض کان فيضياب ٿيا -
اتان قريه هُما جو زبيده شهر کي نزديڪ هو بزرگن جي
زيارت کان مشرف ٿيا - جو مزارات بزرگان ڏٺا هو -
سفر يمن ۾ ڪفايت خوش ۽ ملڪ يمن جي گهڻي تعريف ڪيائون
هڪ شخص جيو ته ملڪ خراسان يعني ڪابل ۽ قندهار
۽ يمن ملڪ کان مراتب ۾ وڌ آهي - حضرت جن فرمايو ته

هي حديث شريف نه ٻڌي اٿئي -

اِنِّيْ اَجِدُ رِيْحَ الرَّحْمٰنِ مِنْ جَانِبِ الْيَمَنِ ۝

۽ ٻي هي حديث به ڪانه ٻڌي اٿئي -

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ فِيْ شَامِنَا وَ يَمَنِنَا ۝

جو ٻئي ملڪ کي افضل تو سمجهين - هي ملڪ عرب آهي ۽
ملڪ خراسان عجم آهي تون عجم کي عرب ملڪ سان ڪئن
تو مساوات ڏين - جڏهن سندن حديره تي ڇهتا - اُتي هڪ
مڪان ۾ رهيا جتي قدرتاً سندن مزار مبارڪ به اُتي ئي - اهل شهر
حديره گهٽان تير بوسي جي سعادت ڪان مشرف ٿيا - سندن
ارشاد مبارڪ ايترو زور ورتو جو جيڪو درجو سالڪن کي سالن
۾ مهينن ۾ تي مليو اهو ساعتن ۾ ميسر هو - انهي هند
چار سنج ڏينهن سڪونت ڪيائون - قدرت الهي جو ٻاٽ اُتي
دوباره مريض ٿيا ۽ ڪين سخت تپ لاحق ٿيو اهو ڏينهن جمعه
جو هو جو حلقه ارشاد جو ٿيو ۾ ان ڪان پوءِ وري حلقه نه ٿيو -

قدرتاً سندن مزار مبارڪ

سمورو مرض جو وقت تعد ستن ڏينهن هليو مگر تپ اهڙو شديد سان هو جو سترهن سال جن جي ته به گهٽ آهي. حضرت فضل الله صاحب جن جو ملفوظ تمام موزون ساري عمر ۾ اهڙو شديد بخار نه ڏٺو آهي. بيماري جي عرصي جي چوڏهين ڏينهن سفر دريائي ڪشتيءَ جو اختيار ڪيائون. سيني مخلصن عرض ڪيو ته سفر جو وقت ڪافي آهي. جيڪڏهن ڪجهه وقت رهو ته رب تعالى صحت عطا فرمائي ته پوءِ اهو سفر اختيار ڪجي. پاڻ فرمايائون ته ڪهڙي مصلحت ڪان مٿي ڦري ويو آهي ۽ هي بيت پڙهيائون -

رند عالم سوز را با مصلحت بيني چه کار
کار ملک است آنکه تدبير و تحمل بايدش

بهرحال جيڪي به شيون آهي اڳتي هلي ته چلو - ارادة الله تعالى بندر ڪي ڪي مانع نه ٿين آيا جنهنڪري بندر به ڏيهو بندر تي رهجي ويئي. ڪشتيءَ جي ناخدا عرض ڪيو ته صبحالي على الصباح لنگر کڻي روانا ٿيندا سون - هاڻي جيئن حڪم!!

پاڻ فرمايائون ماشاء الله على الصباح روانو ٿجي -
انهيءَ رات حضرت شاه فضل الله صاحبن کي فرمايائون ته
اڄ رات مون کي اڳين راتين کان وڌيڪ آرام آهي - مرض
گهڻو گهٽ ٿي ويو - بي بي صاحبه حضرت شاه فضل الله صاحب
جن جي والده صاحبه جيڪا حضرت صاحبن جي بيماريءَ سبب
پاڻ به غم ۽ الم سبب مريض هوئي - هيءَ گهڻو حضرتن
جي پيرين پئي روئي تان اُتي مشڪل سان حضرتن وٽ
آيا ۽ ڏٺو هٿ مبارڪ حضرت جن جي پيشاني مبارڪ تي رکي
تسلي لاءِ چيائون ته پيشاني تي گهڻو آهي اميد ته هي گهر
شفا جو هوندو - حضرت جن پاڻ مرڪي فرمايو ته اوهان
جي زبان مان شفا جو لفظ آيو آهي - اميد ته شفاء آخرت
جي ٿيندي لوڙ؟ جيڪي به هم سفر هوا تن کي گهرائي دعائون
ڪري موڪلايائون ۽ فرمايائون ته مون تي رفيقن جو قرض
اڃا نه آهي ڪو به رفيق اهو قرض پاڻ تي هوا ڪري ۽

مون کي آزاد ڪري ته بي بي صاحبہ جن فرمايو ته اهو قرض آءٌ
ڏينديس ۽ قرض دارن اهو قبول ڪيو. پوءِ دعا مبارڪ لاءِ هٿ
کڻي بي بي صاحبہ جي حق ۾ دعائون ڪيائون. جڏهن اڌ
رات ٿي ته پاڻيءَ جي طلب ڪيائون جڏهن پاڻي آندو ويو ته
پاڻي پيئڻ جي رغبت نه ڪيائون ۽ بي بي صاحبہ کي چيائون
ته مون ڏانهن متوجہ رهو. جو هي وقت هن دنيا کان هلڻ
جو آهي. جڏهن ته ڪجهه وقت رات جو هو ته حضرت شاه
فضل الله صاحب جن کي فرمايائون ته مونکي گوڏي تي هٿ
رکي زور ڏي جڏهن زور ڏنو ته پاڻ فرمايائون ته مون
کي اهڙي جاءِ اوهان جو هٿ محسوس نه ٿو ٿئي معلوم ٿو ٿئي
ته روح مبارڪ اتان هليو ويو آهي. جڏهن سينہ مبارڪ تي
هٿ رکيو ته فرمايائون ته اتي هٿ رکڻ محسوس ٿئي ٿو. اُن
وقت منهن چهره مبارڪ تي اهڙي بشاشت ۽ فرحت هئي
جو ماڻهن کي تعجب ٿي آيو علي الصبح عشقي لنگر کي

سفر تي روانا ٿي - اُنهي وقت منهن حالت متغير ٿي ۽
ياسو ور اچي قبلا رو ٿيا ۽ حضرت شاهه فضل الله صاحب جن
کي سورة يٰسين شريف به پڙهڻ لاءِ فرمايائون ۽ پاڻ ذڪر الله
۾ مشغول ٿيا - ۽ ٿوري گهڙي ۾ جان الله پاڪ کي سپاري
روانا ٿيا. مصداق — فرد

آن چنان زي که وقت رفتن جان

همه گريان شوند تو خندان

إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ۝ جڏهن حضرت جن رحلت فرمائي
ته حضرت بي بي صاحب جن ڪشتي جي ناخدا کي گهرائي چيو ته
جهڪڙهن حضرت جن جو جنازه بيڙيءَ رستي جڏهن سنڌ
تي پهچايو ته جيترا ساڌ ودهان چوندا اوترا اوهان کي ڏبا.
مگر ڪشتيءَ جي ناخدا چيو ته اسان جو اهو معمول نه آهي
ته بيڙيءَ ۾ جنازه کڻي هلون. مگر اوهان جي خاطر موليٰ
جو ديره سنڌ تائين هلون ٿا - اوهان خشڪيءَ رستي حضرت جن

جو جنازو مبارڪ مڪه شريف کڻي ويو.

ان سڄي ڪشتي موٽي جزيره بندر تي آئي ۽ اُتي جي مخلصن
جيئو ته جيڪڏهن شريف مڪه جي اجازت کان سواءِ جنازو کڻي
هلبو ته ورڻ مٿي مصيبت جو انديشو آهي. تنهنڪري في الحال
حضرت جن کي هتي ئي دفن ڪريو. پوءِ حڪومت کان اجازت
وٺي جنازو کڻون. گهڻي قيل و قال بعد حضرت جن کي متصل
مسجد "رعشن هندي" جتي پاڻ اول حيات ۾ سڪونت ڪئي
هوائون اُتي مسجد وٽ وڻ جي هيٺان دفن ڪيائون ۽ پاڻ انهي
وڻ هيٺان حياتيءَ ۾ چيانشيءَ ويٺل هوا ۽ فرمايو هوائون
ته هتي وڻ هيٺان هڪ ڪامل ولي الله جو مدفن ٿيندو
غسل جي وقت حضرت فضل الله صاحب جن فرمائين ٿا ته آءُ
۽ مخدوم صاحب ويٺل هواسون. جڏهن جان پاڪ تان ڪپڙا
مبارڪ لاهي سڄو جسم مبارڪ تي غسال وڌو سون ته
ساعت به ساعت سڄو ظاهري حسن وڌندو رهيو

جو سڀ ماڻهن متحير هيا. جڏهن غسل مبارڪ پورو ٿيو ته
حضرت شاهه فضل الله صاحب جن جيڪي سر مٿي کان بيٺل هوا
ته حضرت جن کين پنهنجي پير مبارڪ ڏانهن اشارو ڪيو. پير
مبارڪ تي نظر ڪيائون ته ڏٺائون ته پير جي چاپ غسل کان
رهجي ويئي آهي. جنهن ڪري دوباره پاڻي آڻي پير تي وجهي
غسل مڪمل ڪيائون ۽ کين ڪفن مبارڪ مطابق سنت حضرت
رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم
جي پهرايائون. جڏهن سڀ حضرات مبارڪ ڪفن ۾ مزين
ٿيو ته بي بي صاحبه جا سندن پيچي هوئي ۽ خاص خلافت
۾ شامل هوئي تنهن حڪم ڪيو ته غير ماڻهو پاسي ٿين
ته اسان حضرت صاحب جن جي آخري زيارت ۽ ديدار ڪريون
غير ماڻهو پري ٿيا ته بي بي صاحبه آئي. ۽ ڪفن مبارڪ چهرو
پاڪ تان هٽايو ويو. ته پاڻ جيئن ڪو ننڊ مان اکيون
کولي تيئن آهستي اکيون مبارڪ کولي بي بي صاحبه جن ڏانهن

ڏسي وري آهستي اکيون بند ڪري ڇڏيائون - جڏهن حضرت
صاحبن جو جنازو مبارڪ نماز لاءِ ڪڍيون ويو ته انتقال کان
ٻاهر خلق اچي جنازي نماز لاءِ گڏ ٿي - حضرتن جي
جنازي جي نماز سندن محترم جناب حضرت مخدوم
محمد ابراهيم صاحب پڙهائي - جڏهن سندن جسد مبارڪ
قبر مبارڪ ۾ آندو ويو ته حضرت شاهه فضل الله صاحب
جن کين لحد شريف ۾ ويهاريو - حضرت فضل الله صاحب
جن فرمائن ٿا ته جڏهن حضرت جن جو منهن مبارڪ قبله
طرف ڪرڻ جو ارادو ڪيم ته پاڻ ئي پنهنجو منهن جو چهرو قبله
طرف ڪيائون ۽ جڏهن سندن چهرو مبارڪ تان ڪفن کي هٽايم
ته سندن روءِ مبارڪ تي ايتري تجلي هئي جو نظر نه ٿي ٽڪي سگهيس
اها ڪمال عقل کان ٻاهر هئي -

## حضرتن جي وفات بابت

حضرتن جي وفات مبارڪ صبح جي وقت سومر ڏينهن ماهه

ذوالقعد الحرام سنہ ۱۲۱۲ هجري ۾ ٿي.

سندن وفات حسرت آيات تي ڪيترن مخلصن تاريخون لکيون
آهن انهن مان ڪجهه هت لکجن ٿيون۔

اول تاريخ حضرت شاه فضل الله صاحب عليه الرحمة جي لکجي ٿي

ز باغ مجدد شہ ملک دین — کہ فردوس از اوست صد زیب و زین
چو معصوم اولیٰ کہ قیوم وقت — بشد صبغة الله ز فیضش قرین
درختی کہ بد بر فلک سایہ اش — کہ معصوم ثانیش خوانند ہمین
بر او گلی داشت خوب و لطیف — کزو بود خوشبو گلستان دین
قوام جہان را قضا چون شکست — نزول نمود آن بہ سوی زمین
ہمہ قدسیان زین بہ ماتم شدند — ازان رو فلک جامہ نیلی ست بین
ہجوم غمش عالمی گشت باز — بہ ملک دل فضل شد جانشین
چو تاریخ جستم ندا شد ز غیب — بہ جنت مکان کرد این شاه دین

سنہ ۱۲۱۲ ھجری

تم عالمد شریف

خليفه احمدخان نظاماڻيءَ به سنڌي تاريخ وفات لکي آهي
مخدوم صاحب حضرت محمّد ابراهيم صاحب جن عزلي زبان ۾
۾ جيئو آهي ۽ فارسيءَ ۾ به هي به بيت چيا اٿن =

ذی قعده بدو يگاه ششم کان اختر بروج شدگم
دو شنبه دوازدهم صد سال کان باز زده از جهان بر وبال

۽ حروف "غم دلم افزود" مان تاريخ وفات ڏني ٿي.
١٢١٢

جيڪو قصيدو حضرت مخدوم صاحب محمّد ابراهيم عزليءَ
زبان ۾ جيئو آهي سو تمام ورو آهي ۽ ڪتاب عمدة المقالات
۾ درج آهي - هنن بن خليفن سنڌين بابت مخدوم احوال
لکيو - مخدوم صاحب حضرت محمد ابراهيم صاحب رحمة الله عليه
جي والد صاحب جو نالو مخدوم ميان عبداللطيف آهي مخدوم
ميان عبداللطيف جو والد شريف حضرت مخدوم محمّد هاشم صاحب
ٺٽوي آهي - جو مشهور معروف عالم رباني هو - مخدوم

مخدوم محمد هاشم صاحب نهمتوي غلام شاهه ڪلهوڙي جي وقت
۾ هو. مخدوم ميان محمد ابراهيم جي اولاد مان به هڪ محمد هاشم
ثاني جي نالي سان هو. جڏهن اسان جا اليڪي راقم الحروف
جا والد صاحب پنهنجي مرشد ۽ مامي جناب حضرت قبله شاهه
"عبدالرحمان جان" صاحب سان گڏ افغانستان مان هجرت
ڪري هت سنڌ ۾ آيا. تڏهن مخدوم محمد هاشم ثاني
پنهنجي مريدن ۽ مخلصن کي حڪم ڪيو ته پنهنجي مرشدن جي اولاد
مان اهي حضرات سنڌ ۾ آيل آهن. تن ڪري سڀئي
مريد اوڏانهن رجوع ڪن. ڪراچي ۽ گڏه وارا ناڪارن
وقت کان حضرت والد صاحب عليه الرحمت جي مريدي ۾ داخل ٿيا
۽ لس ٻيلي (بلوچستان) وارا مريد ۽ ڪاڇي وارا مريد به اعفن
۾ شامل ٿيا. مخدوم صاحب ميان محمد هاشم ثاني کي ڪو به
نرينه اولاد ڪونه هو. پاڻ وصيت ڪيائون ته سڀ ڪتاب املاڪ
زرعي خواه غير زرعي (سفيد) اقرا اُها سڀئي حضرت صاحب

اسان جي والد صاحب عليه الرحمت جن کي ڏنا ويا هئا. مگر اسان جو والد صاحب جو دنيا جي ملڪيت کان متنفر هو سموري املاڪ زرعي خواه غير زرعي (مڪاني) مخدوم احمد کي مونائي ڏنا ويا، گهڻي ڪوشش بعد چوپايو مال يعني مينهون قبول ڪيائون ۽ هٿيار به قبول ڪيائون - مخدوم صاحب کي به ناٺيون هيون هڪ مخدوم احمد جي گهر ۾ هئي افغان هڪ ناٺي عبدالرحيم عقيلي جي گهر ۾ هئي - اُها بي بي هت اسان وٽ به آيل هئي ۽ ٺٽي ۾ رهندڙ هئي. هاڻي اها بي بي وفات ڪري وئي آهي ڪين ڪو به اولاد نه رهيو آهي. ڪاڪي جي مريدن مان هڪ جيڪو وڃو ناٺي ناليو هو ويو نه ٺٽي ۾ آيو آهي ته ان وٽ اچن ٿا. حضرت مخدوم صاحب فقيه ميان محمد هاشم صاحب ۽ مخدوم ميان عبداللطيف صاحب ۽ مخدوم ميان محمد هاشم صاحب جن قبرون شهر ٺٽي جي مشهور مقام مڪلي تي آهن فقط ميان مخدوم محمد ابراهيم جي قبر مبارڪ رياست ڪڇ ۾

جي ڳوٺ منڌيءَ ۾ آهي. جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.
ياقي خليفه احمد خان نظاماڻي ڳوٺ "نم" نزديڪ شهر
راجي نظاماڻيءَ جو آهي خليفه جي فرزند جو نالو محمد اسماعيل خان
هو خليفه محمد اسماعيل مستجاب الدعوات هو. اڪثر دعا ۾
چوندو هو ته "رب ميڏا! اينويں ڪر" ان جو فرزند خليفه ا رب ميڏا
محمد يوسف نالي هو. سو راقم الحروف به ڏٺو - عجيب متوڪل
انسان هو - اڪثر حضرات مشائخ وارن سان سفر ۾
شامل رهندو هو، ان جو فرزند بن محمد اسماعيل نالي هو
۽ هڪ عجيب انسان هو. هاڻي سال ٻن ۾ وفات ڪئي
اٿس - انهن جون قبرون مبارڪ ڳوٺ راجي نظاماڻيءَ
جي اتر طرف نزديڪ آهن - راقم الحروف ڪيئي دفعا سندن
زيارت ڪئي آهي. هي سڀ خليفا متوڪل علي الله غريب هوا
۽ مسڪيني جو وقت گذاريندا هوا - اسان وٽ گهمڻ
ڪري پاڻ ايندا هوا ۽ سندن ڳوٺ جا ماڻهو به خدمتگار

لاءِ اُنيدا ھوا - جن جي مون کي به چڱيءَ طرح ياد گيري آھي -
ھاڻي اُن ڳوٺ ٺٽي جا سمورا باشندا وھابي ٿي مذھب
حنفيه کان روگردان ٿي ويا آھن - ۽ اسان سان به اھڙي
وھڙ جو سلسلو ڪونه اٿن ۽ الحمدلله تعاليٰ اسان کي به
سندن ڪا ضرورت ڪانه آھي - (تمت احوال خليفھا)

## ذڪر اولاد مبارڪ حضرت قيوم جهان
قدس الله تعاليٰ سره

حضرت قيوم جهان صاحب جن ڪثير الاولاد - سندن گهڻي
اولاد ننڍي سني ۾ وفات ڪئي آھي - باقي جيڪو اولاد
بچيو ھو تن مان ٨ اٺ فرزند ۽ تيرھن نياڻيون آھن -
سندن ساري اولاد مان سندن اول ۽ اعظم فرزند جو
نالو مبارڪ حضرت شاھ ولي الله صاحب آھي رحمة الله تعاليٰ عليه
حضرت شاھ ولي الله صاحب جن اعليٰ درجات ۽ ڪماليت
تي پهتل آھن ۽ اول کان آخر تائين فيض محمدي ۽ الولايت ڪمالات جا وارث

ارشاد ۾ پنهنجي والد کان ماذون آهن - حضرت قيم جهان قدس سره
سندن مکاشفات کي سينه ڪندا هوا - پاڻ شمع محفل کان مري
رهندا هوا - ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي والد جي خدمت ۾ ايندا هوا -
۽ پنهنجا احوال بيان ڪندا هوا - اڪثر خط و ڪتابت سان
احوال ڏيندا هوا ۽ وٺندا هوا - سندن پرهيز ۽ تقويٰ بيان
کان ٻاهر آهي - ڪوبه ڪم بغير مکاشفه جي نه ڪندا هوا -
حضرت شاهه فضل الله صاحب جن فرمائين ٿا هڪ شخص شڪارپور
کان هڪ (تحفه) حضرت جي خدمت ۾ هديه طور عرض ڪيو
حضرت قيم جهان صاحب جن اهو تحفه حضرت ولي الله صاحب
جن کي ڏنو - ان جي مٿان ڪجهه نقش ۽ جو ڪم ٿيل هو حضرت
ولي الله صاحب جن اهو ڪافي عرصي بعد ۾ استعمال ۾ آندائون ۽
جڏهن حضرت قيم جهان جي مجلس ۾ آيا ته حضرت جن
کين ڏسي رب تعاليٰ جا شڪرانا بجا آندا ته الحمد لله منهنجي
اولاد ۾ اهڙو صاحب تقويٰ آهي - حضرت قيم جهان جن

جن ھيءَ مجلس ۾ فرمايو تہ جيڪڏھن زير آسمان ڪو بہ ماڻھو
ڳولي تہ بہ ولي الله جھڙو صاحب تقويٰ جو ملڻ مشڪل آھي.
علوم ديني ۾ بہ ڪامل ھوا. گھڻو نصيحتون شريف ڪين
يا دميون جڏھن ڪابل جي بادشاھ تيمور شاھ وفات ڪئي
۽ سندس جانشين "شاھ زمان" تخت تي ويٺو تہ سڀني حضرات
ارادو ڪيو تہ بادشاھ جي فاتحہ خواني ڪري ۽ وقت جي بادشاھ
کي سندس تخت نشيني لاءِ مبارڪباد ڏجي. حضرت قيوم زمان
صاحب جن جو بادشاھن سان ملاقات ۽ مجلس ڪرڻ کان متنفر ھوا
تنھن ڪري سڀني صاحبزادي حضرت ولي الله صاحب ۽ ٻين
متعلقين کي چيو تہ پنھنجي طرفان وقت جي بادشاھ ڏانھن وڃو
صلاح ڏني تہ سڀئي حضرات اول قلعہ جي جامع مسجد ۾ گڏ
ٿي پوءِ بادشاھ ڏانھن وڃن. جڏھن سڀئي حضرات گڏ ٿيا
۽ مسجد کان روانہ ٿيا ۽ شاھي قلعہ جي دروازہ تي پھتا تہ
وقت عصر جو ھو. ۽ قلعہ جي دروازہ تي نوبت، نقارا ؛

ڪرڻا پون وڃڻ شروع ٿيا - جو وقت جي بادشاھ جو محمرا هو -
جڏهن اهو نوبت وغيره جو آواز حضرت شاه ولي الله صاحب
جن ٻُڌو ته پنهنجي ڪنن کي انهي آواز ٻڌڻ کان بند ڪيائون
۽ لاحول پڙهي پنهنجي گهوڙي جي واڳ موٽائي ويائون -
حضرت فضل الله صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهن ته پاڻ
اسان سڀني کان عمر ۾ وڏا هوا ته ڪري اسان سمورا ان الجار
مولي گهر آيا سون - جڏهن حضرت جن قيوم جهان جي خدمت
عقبا مون ته حضرت جن پڇڻ فرمايو ته اوهان جو جلد آيا
اسان ساري ڪيفيت سڄي خدمت ۾ عرض ڪئي - انهي حال
ٻڌڻ کان حضرت جن جي طبع مبارڪ البته ملول ٿي ۽ فرمايائون
ته ساري خلق بادشاه وٽ ويئي ۽ اسان مان ڪوبه نه ويو -
مبادا وچ ۾ مفسد ماڻهون بادشاه کي اسان جي خلاف ڀڙڪائين -
۽ حضرت جن انهي وقت تحمل ۾ رهي فرمايون - حَسْبُنَا اللهُ تأمل
نِعْمَ الْوَڪِيل ٥ بادشاه کي اها سموري حقيقت معلوم

ٿي سڀ حضرات فاتحه تي ئي آيا مگر غير شرعي آواز
نقارن ۽ نوبتن جو ٻڌي واپس هليا ويا. بادشاه جو
حضرت جن جو خاص معتقد هو تنهن جيوته فقير ناهي
مان خود پاڻ پاپياده حضرت جن جي خدمت حاضر ٿيندي
۽ عجز سان دستار کڻي وڃي حضرت جن جي هٿن کان
دستار ٻڌي ڇڏيندس - پر اول حضرت جن جي زيارت ڪري
پوءِ ٻين حضراتن سان ملندس. پوءِ بادشاه پنهنجي
معتمد غفار خان کي حضراتن جي خدمت ۾ ملاقات لاءِ
وقت وٺڻ واسطي موڪليو - جواب مليو ته في الحال ملاقات
نٿي ٿي سگهندي عيد جي ڏينهن اوهان اچو ته ملاقات ٿيندي.
بادشاه اُن رات پاڻ پياده قلعه کان نڪري حضرت
قيوم جهان جن جي خدمت ۾ اچي زيارت کان مشرف
ٿيو ۽ حضرت جن جي هٿن کان دستار ٻڌائين.
پوءِ ٻئي ڏينهن ٻين حضراتن سان ملاقات ڪيائين.

حضرت قيوم جهان صاحب جن فرزندن ۾ هي بادشاهه جو ڀائي پيدا
اسان وٽ اچڻ خاص ورع ولي الله صاحب جو اثر آهي۔
جنهن مون کي دنيوي ملامت کان جدا ڪيو۔ حضرت ولي الله
صاحب توڪل، تبتل، ورع ۽ تقويٰ جو صاحب هو۔
سندس توصيف حيڪان باهر آهي۔ سندن وفات حضرت
آيات سنه ١٢٣٢ هجري ۾ ٿي۔ انا لله وانا اليه راجعون ٥

٢

حضرت قيوم جهان جي ٻئي فرزند جو نالو مبارڪ حضرت
قدرة الله صاحب هو۔ عامل ڪامل باهر نواحي ۾ رهندا هوا

٣

حضرت قيوم جهان جي ٽئين فرزند جو نالو ڪرامة الله
صاحب هو۔ نواحي پڳلي ڪوهستان ۾ سڪونت پذير هوا
حضرت قيوم جهان جي چوٿين فرزند جو نالو حضرت شاه
امين الله هو اسان راقم الحروف ولد سندن اولاد مان آهيون
سندن طبع شعر گوئي ۾ نهايت قابل ذڪر آهي۔ پاڻ
نهايت بهادر شخص هوا۔ پشاور کان جتهن هجرت ڪري

کابل آيا ته ماڻهو وري جي شادي ۾ مسلمانن مجاهدن سان
شريڪ ٿي سگهن ڪافرن سان جهاد في سبيل الله ڪيائون
گهڻن معرڪن ۾ فتحياب ٿيا آخر ضلع اَٽڪ ۾ ڪافرن
هٿان شهيد ٿي ويا. حضرت قبله گاهه والد صاحب عليه الرحمه
جن کان نقل ياد اٿم ته حضرت امين الله صاحب آخر
ضلع اٽڪ ۾ جنگ جي دوران توب جي گولي لڳڻ سبب
هڪ پير مبارڪ ضايع ٿي ويو. پاڻ تلوار جي ٽيڪ سان
هڪ پير تي هلي هڪ مسجد جي ديوار تي اچي ويٺا. ۽
اُتي جيڪو به سک ڪافر سندن آڏو ٿي آيو اُن کي
قتل ٿي ڪيائون. مشڪل سان هڪ سک سندن پٺيان
اچي سندن گردن مبارڪ تي تلوار جي ضرب ڪئي. حضرت
جن ڇهو ڪنڌ هڪ هٿ سان جهلي هڪ پير تي تلوار
جي ٽيڪ سان مسجد جي صحن ۾ اچي ڄهي جان راهِ
خدا ۾ قربان ڪئي. اِنا لله وانا اليه راجعون
حضرت قبله گاهه والد صاحب سندن زيارت ڪئي آهي. ضلع اٽڪ ۾ اسٽيشن
سيدو سيرو جي نزديڪ هڪ مسجد جي صحن ۾ سندن قبر مبارڪ آهي —

حضرت قيوم جهان جي پنجين[٥] فرزند جو نالو مبارڪ ذڪرالله صاحب
هو. سندن مسڪونت ڪوهستان ڪابل ۾ هئي -
حضرت قيوم جهان جي ڇهين[٦] فرزند جو نالو مبارڪ ظهورالله صاحب
هو. ۽ پنهنجي والد صاحب جا نهايت مقبول هئا -
حضرت قيوم جهان جي ستين[٧] فرزند جو نالو مطيع الله صاحب
هو. حضرت قيوم جهان جي وفات بعد جوانيءَ ۾ رحلت ڪيائون
حضرت قيوم جهان جي اٺين[٨] فرزند جو نالو مبارڪ حضرت
ميان عبدالباقي صاحب آهي. حضرت عبدالباقي صاحب جن جي
والده صاحبه شريفه حضرت خواجهءِ خواجگان حضرت بهاؤالدين
نقشبند جي اولاد مان آهي. هن جي تولد سان حضرت قيوم
جهان صاحب جن تمام گهڻو خوش ٿيا - ۽ ٻارهن سالن
جا هوا ته حضرت قيوم جهان جن رحلت فرمائي —
حضرت عبدالباقي صاحب جن جي اولاد مان حضرت نورالمشائخ
حضرت شير آغا صاحب ڪابل وارا آهن — راقم الحروف

ڪي ننڍپڻ ۾ ياد آهي ته حضرت شير آغا صاحب جن جو والد
مبارڪ حضرت محمد صديق صاحب جن حج جي سفر کان موٽي
بمبئي ۾ ڪما ٿيا وارث جي مريدن مان ٽنڊا جبهن سنڌ ۾ هُتا.
۾ تشريف ورتا ته حضرت قبله گاه والد صاحب جن رحمة الله عليه
کين دعوت ڪري ٽنڊه محمد خان وٺي آيا. هيٺ اسان جون
هڪ ڊگهه ۾ هڪ رات رهيا. وڏي عمر وارا بزرگ ۾ هستي
جا مالڪ هوا. اسان جي والد صاحب جن اخوي مرحوم
عبدالسلام جان کي سندن مريد ڪيو. بعد ۾ ٽنڊه سائين داد
ويا ۾ اتان ٿي مسيارن جي حضراتن وٽ ويا سندن عرض تي.
ان کان پوءِ سندن جي رستي قنڌهار هليا ويا. حضرت
محمد صديق صاحب جن اسان جي والد صاحب تي زور آندو ته
توهان اسان جو آهيو. هت سنڌ ۾ اوهان کي بيوڪوب بڻائي
عزيز ڪون آهي تنهن ڪري اوهان اسان سان افغانستان هلو
هاڻي افغانستان ۾ وقت جو بادشاه حبيب الله خان آهي.

سو خاندان قيوميه جو مريد ۽ معتقد آهي - ان ڪان اوهان کي
جاءِ دلدوي ڏيندس - حضرت والد صاحب به اُن جي راضي ٿيو
مگر اسان جي والده صاحبه هتان هلڻ پسند نه فرمايو -
جنهن ڪري اسان هت سنڌ ۾ رهجي وياسون رحمة الله تعاليٰ عليهم اجمعين

## ذکر حضرت امين الله صاحب جي اولاد جو
رحمة الله عليه

حضرت شاه امين الله صاحب شهيد کي ٻه فرزند هئا -

عظيم الله
نمبر ١ جناب حضرت عظيم الله صاحب جو راقم الحروف جو پڙ ڏاڏو هو
جنهن جي قبر مبارڪ رياست قلات بلوچستان ۾ آهي - راقم
هڪ دفعه جنهن جي زيارت ڪئي آهي

نمبر ٢ جناب حضرت عزيز الله صاحب مشهور بنام گرائي محمد
جنهن جي قبر مبارڪ حيدرآباد شهر کان ٻاهر هن وقت لطيف آباد
جي دامن ڪوهه ۾ آهي -

اسان جي پڙ ڏاڏي حضرت عظيم الله صاحب ڪابل مان هجرت
ڪري اچي بلوچستان جي شهر قلات ۾ رهيا جو اُتي قلات

جو مستوفي ۽ بلوچستان ۾ خصوصاً پاڳ نانري جا مريد هوا.
پاڳ نانري ۾ جڏهن حضرت قيوم زمان جن سفر حج تي لاءِ
آيا هوا ته اُتي جي مريدن عرض ڪيو ته دعا ڪريو ته اسان جو
ملڪ باران رحمت سان آباد ٿئي ته هڪ زمين تان اسان
هڪ هڪ ڪاسو اوهان جو نذر ڪندا سون - حضرت جن جي دعا
مبارڪ سان ملڪ آباد رهيو - ۽ پاڳ نانري مان حضرت
عظيم الله صاحب جن کي نذرانو طور ڪافي جُدا الڳ ايندي هئي.
اها ڪاسگي اسان جي والد صاحب جي وقت تائين ايندي رهي.
حضرت والد صاحب قبله ڳاهه جن جي رحلت بعد قلات جي وزير عبد وزير عبد
اها ڪاسگي بند ڪرائي ڇڏي - حضرت عظيم الله صاحب کي فقط
هڪ فرزند نالي جناب حضرت حبيب الله صاحب هو - جي
اڪثر اوقات بمبئي ۾ رهندا هوا - ۽ حضرت عزيز الله صاحب
کي هڪ نياڻي هئي جيڪا صاحبزاده محمد شريف مشڪار ڀوري
جي گهر ۾ هئي - هن مان هڪ فرزند نالي بحرالدين هو -

حيدرآباد واري بي بي ان مان هوئي - جيڪا چار پنج سال ننڍا
ته لاولد فوت ٿي آهي - اسان جي جد امجد حضرت شاه حبيب الله
صاحب جي والده اهل سادات مان هوئي. حضرت حبيب الله
صاحب جو هميشه ڇهه مهينا عربستان ۾ ۽ ڇهه مهينا هندستان جي
بمبئي شهر ۾ رهندا هوا - بمبئي جا سيٺ سڌن مريد هوندا هوا
سيٺ الهه رکيا سيٺ جا بحري جهاز هوندا هيا - جن ۾ هر سال
حرمين شريف ويندا هوا - سيٺ حاجي الهه رکيا سيٺ سڌن
خاص مريدن مان هو - حضرت حبيب الله صاحب جن جڏهن
افغانستان ويندا هوا ته ڪابل مان قندهار به ايندا هوا -
اتي قندهار ۾ جناب حضرت قدوة الاولياء حضرت عبدالقيوم
صاحب رحمت الله عليه جن رهندا هوا - جن کي جڏهن حضرت
حبيب الله صاحب جن پرهيزگاري ۽ ولايت جو احوال معلوم
ٿيو ته ڪين پنهنجي نياڻي جو رشتو عطا فرمايائون - حضرت
شاه حبيب الله صاحب اسان جي جد امجد شادي ڪري

سبب ڇهه مهنا قندهار ۾ رهيا - پوءِ سندن معمول مطابق

حضرت جن حرمين شريفين جي سفر تي روانا ٿيا - جناب

حضرت عبدالقيوم صاحب جن کان موڪلائي ويا تُون ته حج کان

پوءِ موٽي وري هت ايندس - يا سڀني گهروارن کي وٺي بمبئي

ويندس - قدرت ائين جو هو حرمين شريفين کان موٽي آيا ته

سندن افغانستان وڃڻ نه ٿيو - هو سال تقريبًا ۽

سامان بمبئي کان قندهار موڪليندا رهيا ۽ خود ارادا رهيا

ته آڪلهه ايندس - مگر قدرت الله آخر تائين سندن وڃڻ

نه ٿيو - ڪين هڪ فرزند اسان جو قبله گاهه حضرت والد

صاحب پيدا ٿيو - اسان جي والد صاحب جو نالو مبارڪ

حضرت عبدالقدوس صاحب آهي. ۽ مشهور آغا شيرين جان

صاحب سان هو - اسان جو والد صاحب ٻئي والده صاحبه سان

گڏ قندهار ۾ رهيا - تان جو جناب حضرت عبدالقيوم صاحب

جن رحلت ڪئي - جنهن لپد اسان جو حضرت والد صاحب

صغر سنيءَ ۾ پنهنجي ماميءَ مرشد جناب حضرت خواجه عبدالرحمان
جان صاحب جي تربيت ۾ رهيا. جڏهن سن عمر بلوغ کي پهتا
سالن جي ٿيا ته حضرت شاه حبيب الله صاحب جن جناب
حضرت خواجه عبدالرحمان جان صاحب قدس الله تعالى اسره جن
کي خط لکيو ته اوهان پنهنجي اهليه کي وٺي مٽياريءَ ۾ اچو
ته آءٌ اتي سنڌ ۾ اچي اتان کين لمبيءَ وٺي ويندس
جتي منهنجي سکونت آهي.

(نوٽ) مٽياريءَ ۾ حضرات مان اول اول جناب حضرت
عبدالرحيم صاحب المعروف "مخفي وارو" حضرت جن کي جناب
حضرت خواجه عبدالرحمان جان صاحب رحمت الله عليه جن جو
مامون ۽ اسان جي جڏهن طبيع جو سڳو مامون هو سو
افغانستان مان هجرت ڪري اچي مٽياريءَ ۾ رهيا هوا
جن جو اولاد اڄ تائين مٽياريءَ ۾ آهي. جناب حضرت
خواجه عبدالرحمان جان صاحب رحمت الله عليه جن پنهنجي همشيره

صاحبن کي قنڌهار کان وٺي منهنجي هٿان - منهنجي ۾
اچي جناب حضرت حبيب الله صاحبن کي ٻيو خط لکيائون ته
اسان منهنجي هٿان آهيون اوهان اچي پنهنجي عيال کي وٺي
وڃو. قدرتاً انهيءَ وقت ۾ حضرت حبيب الله صاحبن بيمار
ٿي پيا. ۽ اهو خط حيدرآباد واري حضرت عزيز الله صاحب
جي نياڻي جي اولاد جيڪو وٽن سان گڏ هو تنهن لکيو
۽ حضرت جن کي نه ڏيکاريائون ۽ نه وري حضرتجن کي
اهو احوال ڏنائون ته اوهان جو عيال منهنجي آيل آهي
وري جناب حضرت خواجه عبدالرحمان جان صاحب رحمت الله عليه
جن کين ٻيو بار خط لکيو ته اسان منهنجي آيل آهيون
اهو خط حضرت حبيب الله صاحبن کي ڏيکاريو مگر قدرت الله
تعالىٰ جو حضرت حبيب الله صاحبن بيماري سبب اٿڻ ويهڻ
جهڙا نه هوا ۽ جوابي خط لکيائون ته هنن ظالمن اوهان جو
پهريون خط مون کي نه ڏنو. هي ٻيو خط اوهان جو مليو آهي

مگر سندن حالت بيماريءَ سبب اهڙي آهي جو هلڻ چلڻ کان مجبور ٿيو ويٺو
آهيان. جڏهن صحت ياب ٿيس ته لوهاريءَ اينديس. قدرت الله
تعاليٰ جو ان خط لکڻ کان پوءِ حضرت حبيب الله صاحب جن ٻن
ٽن ڏينهن ۾ وفات ڪئي. اها وفات جي خبر جڏهن جناب
حضرت خواجه عبدالرحمان جان صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه
جن کي مٽياريءَ ۾ پئي ته پنهنجي همشيره صاحبه کي پنهنجي ماسي
حضرت عبدالرحيم صاحب جن وٽ مٽياريءَ ۾ ڇڏي ۽ اسان
جي والد صاحب جن جي عمر ان وقت ست سال هئي، پاڻ سان
گڏ وٺي بمبئي ويا. جڏهن بمبئي پهتا ته ان کان اڳ
حيدرآباد وارا جيڪي حضرت حبيب الله صاحب جن وٽ
رهندا هئا ۽ خط لکيو هو انهن حضرت حبيب الله صاحب
جن جو سمورو اسباب فروش ڪري ڇڏيو (مدني) پهتا
۽ جڏهن حضرت صاحب خواجه عبدالرحمان جان صاحب قدس سره
جن بمبئي پهتا ته ميدان بالڪل صاف هو. ۽ اهي ٿا لم حضرت

حبيب الله صاحب جن جي نالي تي گھڻو قرض وٺي فرمائيا -
حضرت خواجه صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن حيران ٿيا ته
هاڻي ايترو قرض هي ننڍو بار ڪيئن ادا ڪندو. آخر حضرت
حبيب الله صاحب جن جو خليفه ميان قلاتي هو تنهن چيو ته
اوهان حضرت لاءِ هت ڪجھ خيرات ڪريو ۽ بمبئي جي سيٺين
مريدن کي دعوت ڪريو. انهن دعوت ۾ مريد چندي ۾ رقم
ڏيندا. اميد ته جي قرض ادا ٿي ويندو. جناب حضرت خواجه
صاحب عليه الرحمة جن خيرات جو وقت مقرر ڪيو. سمورا مريد
گڏ ٿيا. ۽ دل کولي ڏيڻ رقمون نذرانه طور پيش ڪيائون
مون کي ياد آهي ته اسان جي والد صاحب غالباً ايترا پئسا
گڏ ٿيا جو مان ڏسندو هوس ته مسجد جي برابر پئسن جو ڍڳ
ٿي ويو. ان وقت نوٽ نه هوا. چاندي جا رپيا هوندا هوا.
جناب حضرت خواجه صاحب رحمت الله عليه جن انهن پئسن
مان سمورو قرض ادا ڪري باقي هڪ هزار بچيو سو ڪٽي

اسان جي والد صاحب سميت مون سنڌ ۾ منيارئي آيا-
۽ پاڻ سنڌ ۾ سفر مبارڪ تي روانا ٿي ويا ۽ سنڌ ۾ همشيره
صاحب منيارئي ۾ عدت جو وقت پورو ڪيو - ان وقت سواءِ
ريل يا موٽرن جي ڪانه هئي . سفر اُٺن ۽ گهوڙن تي ٿيندو هو
ان کان پوءِ جناب حضرت خواجه صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه
جن پنهنجي همشيره صاحب جيڪا عمر ۾ سندن کان وڏي هئي
۽ صاحب علم دين جي هئي . ان کي اسان جي حضرت والد صاحب
سميت بلوچستان جي شهر قلات ۾ جتي اسان جي والد صاحب
جو جد امجد حضرت عظيم الله صاحب جن حيات هوا انهن
وٽ ڇڏي پاڻ وري افغانستان (قندهار) روانا ٿيا
اسان جي جده صاحب پنهنجي سهري وٽ قلات ۾ رهيا
اسان جي حضرت والد صاحب سميت -

حضرت جده صاحب جن اُتي پنج مهينا هيا مگر کين قلات
جي آب هوا موافق نه آئي ڇنڪري قندهار ڏي وڃڻ جو ارادو

ڪيا ٿون. اسان جي والد صاحب کي سنڌ ڇڏڻ مجبور صاحب جن

جون اهيا ته بابا توهين مهنجي فرزندن جي هڪ نشاني آهين هت مهنجو

ٻيو ڪو اولاد ڪونه آهي ۽ آءُ هاڻي "آفتاب ڪوه" آهيان

يعني وڏي عمر وارو آهيان - حياتي جو ڪو اعتبار ڪونه آهي -

توهين مون وٽ رهو - مگر اسان جو حضرت جو منتظر عمر مرادو

هو سو پنهنجي والد صاحب سان گڏ افغانستان يعني قندهار

روانا ٿيا سنڌ ڇڏي مجبور ڪين جهڙو سامان ۽ اسباب ۽ نقدي

زيور وغيره ڏنا ۽ دنيا جي ساري دولت کان وڌيڪ محبوب قيمتي

شي يعني "وار مبارڪ" حضور سرور ڪائنات صلي الله تعالیٰ عليه

وعلیٰ آله وصحبه وسلم جن جو ڪين عطا فرمايو ۽ لوڙ ڪين وڃڻ

جي اجازت ڏني ۽ وداع ڪيو - ان کان پوءِ اسان جو والد صاحب

پنهنجي مامي صاحب جن وٽ رهيا ۽ تربيت هيٺ تعليم حاصل

ڪيا ٿون سو لکڻ کان ٻاهر آهي اسان جو والد صاحب اسان

جي مرشدنا و مولانا حضرت صاحب محمد حسن جان صاحب رحمت الله عليه

موئي مبارڪ

جن کان عمر ۾ ٻارهن[١٢] سال وڏا هوا - ٻيا وڏا محمد ابراهيم (اسان

جي حضرت مرشد صاحب قدس سره جن کي مرڻ ٻنهي ڪلهن تي کڻي

راند ڪرائي آهي. اسان جي والد صاحب جن کي سڀني والد صاحب

جن جي ملڪيت مان فقط هڪ ڪتاب "بوستان" مليو ٻيو

سمورو اسباب هو ظالم سرڪار ضبط ڪري ڇڏيو - ۽ حضرتن کي

ٻيو جيڪي ڪجهه سامان ۽ اسباب عزيزن مليو سو سڀني جدا آهي

ڪان جنهن ۾ دين دنيا جي سعادت "وارث مبارڪ" به هڪ هئا

سعادت اڄ تائين سڀني پاڻ جي صاحبزادي غلام قيوم جان صاحب

وٽ رهندي آئي آهي. اسان جي حضرت والد صاحب جيڪو

به علم ظاهري خواه باطني حاصل ڪيو سو سڀني مهربان مامي

جنا حضرت بابرڪت خواجه عبدالرحمان جان صاحب قدس الله سره

جن کان حاصل ڪيو جنهن جو تفصيلي بيان لکڻ کان ٻاهر آهي.

جڏهن اسان جي والد صاحب جي عمر ٻارهن[١٢] تيرهن[١٣] سال يا

چوڏهن[١٤] سالن جي ٿي تڏ افغانستان تي انگريزن جي چڙهائي ڪئي

ان وقت جو افغانستان جو حاڪم امير شير علي خان هو جو انگريزن
جو مقابلو نه ڪري سگهيو ۽ فوت ٿي ويو. ان بعد امير شير علي خان
جي پٽ امير ايوب خان مسلمانن کي گڏ ڪري جهاد جو اعلان
ڪيو. جنهن ۾ جناب حضرت خواجه صاحب عبدالرحمان صاحب
رحمت الله عليه جن به شامل ٿيا ۽ ان جهاد ۾ اسان جو
حضرت والد صاحب جن به آغاز جواني ۾ مجاهدن ۾ پنج
ماهي سان گڏ جهاد ۾ شامل ٿي انگريزن سان جنگ
ڪري ڪيئن ميوند جي جنگ ۾ وڏي فتح حاصل ڪئي. مگر
آخرڪار امير ايوب خان کي پنهنجي رقابت سبب فائدو نه ٿيو
۽ انگريز غالب آيا. مگر اتي افغانستان ۾ انگريز مسلمانن جي
بلوي ۽ فسادن سبب حڪومت نه ڪري سگهيا ۽ اتي
جي افغان سردارن کين اها صلاح ڏني ته اوهان هت آرام
سان حڪومت نه ڪري سگهندا. تنهن ڪري اوهان هتان جي
امير عبدالرحمان خان کي گهرايو جيڪو افغانستان ڇڏي

ترڪستان معلوم ڪيو آهي. ان کي گهرائي ظاهري دوستي ڏيکاري حڪومت
سندس حوالي ڪئي - پوءِ ظاهري حڪومت انهي جي هوندي ۽ اندروني
طرح حڪومت اوهان جي هوندي. انگريزن ترڪستان مان امير
عبدالرحمان کي گهرائي پنهنجو دوست ۽ خيرخواه ڪري ظاهري
حڪومت سندس حوالي ڪئي. ۽ ان کي چيو ته ظاهر ۾
علماءَ يا سردار هوا تن جا نالا ڏئي قتل ڪرائڻ لاءِ چيائون
انهن ۾ جناب حضرت بابرڪت خواجه عبدالرحمان صاحب قدس الله سره
جن جو نالو به هو. امير عبدالرحمان خان جيڪو ظالم نالي مشهور
هو. تنهن آهسته آهسته انهن سردارن علماء ۽ مشائخن
جو قتل شروع ڪرايو. انهيءَ وچ ۾ اسان جي حضرت والاجاه
کي جناب حضرت بابرڪت خواجه عبدالرحمان صاحب رحمة الله تعالى عليه
جن کي پنهنجي دامادي جو شرف عطا فرمائي پنهنجي نياڻي سڳوري
سان شادي ڪرائي - انهيءَ شورش ۾ حضرت بابرڪت
خواجه صاحب جن کي پنهنجن دوستن صلاح ڏني ته اوهان جا

سنڌ ملڪ ۾ گهڻائي مخلص مريد آهن جيڪي قدر ڪندا. اوهان
هتان عزت سان هجرت ڪري سنڌ ڏانهن وڃو. ظالم امير اوهان
جي بي ادبي ڪري رهيو آهي مبادا ڪو نقصان پهچائي. اهڙيءَ طرح
جناب حضرت بابرڪت خواجه صاحب عبدالرحمان جان صاحب رحمة الله
تعالىٰ عليه جن هجرت ڪري قنڌار کان سنڌ طرف آيا
پڻ ساري عيال ۽ اطفال سميت آيا. اسان جو حضرت والد صاحب
به پڻ والده صاحبه سان گڏ حضرتن سان گڏ جي سنڌ ۾
آيا هئا. اڳي به سانئڻ گڏ هوا. حضرت خواجه صاحب عزيزن
جن پنهنجو ضروري سامان ۽ اسباب سواءِ جاين ۽ زمينن
جي ٻاڻ سان گڏ کڻي سنڌ جي سفر تي روانا ٿيا. انهيءَ
وچ ۾ اسان جي والد صاحب جن جو سڳو ڀاءُ محمد عظيم الله
صاحب رحمت الله عليه جن جو وقت اڳ قلات ۾ وفات
ٿي. حضرت خواجه صاحب رحمت الله تعالىٰ جن قلات
جي حاڪمن خصوصاً مستوفي فقير محمد خان وٽ کجهه

وقت رهي پوءِ مياڳ ناڙيءَ جي رستي سان شڪارپور ۾ آيا.
شڪارپور سان متصل ڳڙهي ياسين ۾ خان عطاء الله خان
نالي هڪ وڏو زميندار حضرت جن جي مريدن مان هو. تن
وٽ اهل و عيال سميت پورو هڪ مهينو رهيا. انهي
خان موصوف عرض ڪيو ته هت اوهان سڪونت فرمايو
پنهنجي ساري ملڪيت مان هڪ اڌ حصو نذر ڪيائين.
مگر حضرت صاحب جن جيڪي سر دلڪ جا هوا. سي شڪارپور
مسند جي ڳڙهي کان اتان اڳتي راهي ٿيا. ۽ هر هڪ منزل
تي مسند جي مخلص مريدن رهڻ لاءِ استدعا ڪئي ته اسان
وٽ رهو. مگر حضرت بابرڪت خواجه صاحب قدس الله سره
جن هي ڪندا رهيا. تان جو جڏهن ٺٽي ڪري شهر منزل
انداز ٿيا ته اتان جي مخلص سيد ميران محمد شاهه صاحب اچي
عرض ڪيو ته قبلا اسان وٽ رهو. حضرت صاحب جن
سڀني مريدن کان مافوق سيد ميران محمد شاهه صاحب ٺٽوي جي

کي رهڻ جي عرض کان مشرف فرمايو. سادات صاحبن ڀڄون
جا ٻن خالي ڪري حضرت صاحب کي ڏنيون. انهي ٽڪري ۾ هڪ سال
رهڻ کان پوءِ حرمين شريف ڏي ويا. ۽ انهي مڪه شريف ۾
پورا پنج سال رهيا. ساڻن سمورو اهل عيال به ساڻ هو. انهي مڪه
مڪرمه ۾ اسان جي وڏي همشيره صاحبه جيڪا مرحوم شهيد
جناب حضرت صاحبزاده صاحب غلام علي جان صاحب جن جي والده
صاحبه هئي تولد ٿي. جو آخر ۾ سندن وفات به انهي مڪه
مڪرمه کان ٻاهر حجره شريف ۾ ٿي ۽ سندن قبر مبارڪ حضرت
سيدتنا بي بي حوا صاحبه رضي الله تعاليٰ عنها جي ڀر پاسي آهي.
مطلب ته اسان جو والد صاحب حضرت خواجه صاحب رحمت الله عليه
جن کان اتان موڪلائي سنڌ ۾ پنهنجي والده صاحبه ۽ عيال سميت
پهچي ويا ۽ حضرت بابرڪت خواجه صاحب قدس الله تعاليٰ سره
جن مڪه شريف ۾ رهيا. جو اتان ڪين نڪرڻ جي باطني طرح اجازت
کان ملي هئي. جڏهن ته اسان جو والد صاحب جن جنهن وقت

بمبئي ۾ رهيا ته قدرتاً سندن والده صاحبه بيمار ٿي پيا ۽ قدرتاً
سندن وفات به اتي بمبئي ۾ ٿي. سندن مدفن ميان صاحب سونا پوري
محلي جي پراڻي قبرستان ۾ جتي اسان جي جدامجد جن جي
قبر آهي اتي سندن شوهر جي پاسي ۾ ٿي. جياپي ۾ پاڻ
به فقط جي ڪجھ مهينا پاڻ ۾ گذاريا مگر آخرت ۾ سمورو
وقت پاڻ ۾ گڏ رهيا. رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين ٥
اتي اسان جو والد صاحب ڳچ والده صاحبه جي جدائي جي
نهايت پريشان رهيا. آخر ڪار وري سنڌ ۾ موٽي اچي
ٺٽي جي سادات ۾ وڃي رهيا عيال سميت - ۽ پوءِ ٻچا عيال ٺٽو
اتي ڇڏي جتي اڳ هئا حضرت بابرڪت خواجه صاحب عليه الرحمت
جن هيا هيا پاڻ اڪيلا قندهار ويا ۽ اتي قندهار ڪابل پاهر
منلوجي علائقي ۾ زمين خريد ڪيائون ۽ خيال هون ته وري
به افغانستان وينداسون - هتان سنڌ مان اسان جي حضرت
والده صاحبه جن جناب حضرت بابرڪت خواجه صاحب قدس الله سره

جن کي برڪت شريف خط ۾ لکي ڪري لکيو ۽ ساري ڪيفيت کان ڪين واقف ڪيون. حضرت صاحبن ڪين جواب لکيو ته اوهان دلگير نه ٿيو. مون کي جناب حضرت سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وعليٰ آله وصحبه وبارڪ وسلم جن جي درگاه پاڪ مان اجازت ملي آهي ۽ اسان سڀ ماڻهو جلد واپس اچڻ وارا آهيون. ان وچ ۾ اسان جو والد صاحب جن به ٽنڊ ٿها کان موٽي آيا. ۽ جناب حضرت صاحب خواجه صاحبن رحمت الله تعاليٰ عليه جن به خيرسان دريا پار کان واپس سنڌ ۾ ٺٽي ۾ اچي رهيا. اهو ٺٽو جو شهر ڪنهن وقت ٺٽي شريف جي نالي سان مشهور هو. مون ڀي جي به "حضرت خواجه صاحب" لکيو آهي اهو ادب خاطر لکيو اٿم. حضرت خواجه صاحبن جو نالو مبارڪ "حضرت خواجهٔ خواجگان نقشبنديه حضرت خواجه عبدالرحمان جان صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه آهي" هت سنڌ ملڪ ۾ پاڻ اهڙو فيض جو درياه وهايو اٿن جو اڄ تائين جاري آهي

۽ ٻلڪل ساڳي اڄ تائين قائم ۽ دائم آهي. حضرت خواجه صاحب قدس سرهٗ
جن وقت جا قيوم ۽ زماني جا قطب هوا. سندن حيات جو احوال
جناب مرشدنا و مولانا حضرت آقا خواجه محمد حسن جان صاحب عليه الرحمت
جن پنهنجي ڪتاب انيس المريدين ۾ مفصل طرح لکيو آهي،
اتي ذڪر ڪرڻ جي مون کي ڪا به طاقت نه آهي جو ڪجهه بيان ڪيان.
اسان جي والد صاحب ساري عمر سندن سايهٔ مبارڪ ۾ گذاري
۽ جيڪي ڪجهه حاصل ڪيائون سو لکڻ کان ٻاهر آهي. حضرت
خواجه صاحب جن پنهنجي حياتي ۾ ئي کين مجاز ڪري ارشاد جي
اجازت عطا فرمائي - ۽ وڏي پيار ۽ گهڻي مهرباني سان
سندن نالو مبارڪ "آغا شيرين جان" رکيائون. ۽ پنهنجي
اولاد برابر کين پنهنجي وراثت ۾ شريڪ ڪيائون. اسان جي
والد صاحب رحمت الله تعالى عليه جن جي طبع مبارڪ مستغني
دنيا هئي - جيڪي به کين ملندو هو سو به هليو ويندو. جناب حضرت
خواجه صاحب قدس الله سره سندن تڪلم ۾ بيا به ڪي خيال هيا.

جيئن تہ ٺٽي کي عيش ۾ درياء جي ٻوڙ جو خطرو هوندو هو ـ تنهنڪري
جناب حضرت مرشدنا و مولانا عبيد دين و دنيا جن کي جيڪا بندہ
غلام علي جي مير ٽنبہ سائين داد واري باغ ۾ زمين نذرانہ ۾
ڏني آئي حضرت مرشد صاحب جن عليہ الرحمت جي والد صاحب حضرت
خواجہ صاحب قدس سرہ جن جي اجازت سان حويلي جي جاء
۾ مسجد شريف جي بنا وڌي ۽ اسان جي حضرت والد صاحب
جن بہ سائين گڏ هئا جو خيال ڪيو ـ قدرتاً جناب حضرت خواجہ
صاحب جن قدس اللہ سرہ سنہ ١٣١٥ هجري ۾ ٺٽي ۾ رحلت فرمائي
۽ سندن قبر مبارڪ گنبي ٺڪر (جبل) تي ٿي جنهن بابت
حيدرآباد کان سفر مبارڪ ۾ ايندا هوا ۽ اُن جاء تي نماز
پڙهندا هوا جتي هاڻي سندن قبر مبارڪ آهي ـ ۽ ٺٽي جا سارا
۽ مخلوق آئي سندن استقبال لاء ايندا هوا ـ جناب حضرت
مرشدنا و مولانا صاحب جن سندن قبر شريف جي هڪ چوڪنڊي
۾ مقبرہ شريف ۽ مسجد شريف ۾ حجرو ۽ احاطہ ڪوٽ جو ٺهرايو

جو اڄ تائين قائم آهي ۽ سائلن جي سوال لاءِ سندن درگاه لا شريف
بروقت مکمل آهي. ۽ حضرت خواجه صاحب جن جي ڄائي ڄمي تي اُت
مقبره شريف واري درگاه تي جناب حضرت مرشدنا و مولانا حضرت تارڪ
حضرت سائين خواجه محمد حسن جان صاحب رحمت الله تعالى عليه جن
جي دستار بندي ٿي. دستار شريف جو ٻڌرائڻ ورُ ۽ اسان جي
حضرت والد صاحب کين ٻڌايو هو ۽ ٻين حضراتن، عالمن،
سادات، مخلص مريدن ٻڌايا. جناب حضرت خواجه صاحب
قدس الله تعالى سره جن جي وفات جون تاريخون عربي ۽ فارسي
زبان ۾ تمام گهڻيون ڇپيل آهن. مگر آڳاٽي هڪ سنڌي
شاعر سيد محمد حافظ شاه جي تاريخ لکان ٿو جو حافظ صاحب
حضرت جن جو مخلص مريد ۽ سنڌي زبان جو وڏو شاعر هو،
حافظ صاحب جو سنڌي شعر قابل ذڪر ۽ لائق تعريف آهي
حضور جا سنڌس ڪلام "ڪانئين رنگ" ۾ مقبول آهي. سندس
شعر جو باقي ڇپيل آهي. حضرت خواجه صاحب قدس الله سره